# سائمن ڪميشن اڳيان شاهديون ڏيڻ قومي غداري آهي ڇا؟

Gul Hayat Institute

مسلمان اخبار

www.drpathan.com Page # 1

ضميمه "مسلمان"

INSTITUTE OF SINDHOLOGY RESEARCH LIBRARY UNIVERSITY OF SIND JAMSHORO

# "الوحيد" ۽ شيخ عبدالمجيد

جي طوفان!

سنڌ جي مسلمانن کي [illegible] کان ناواقف

رکڻ جي ڪوشش

---

## سائمن ڪميشن اڳيان شاهديون

## ڏيڻ قومي غداري

## آهي ڇا؟

Gul Hayat Institute

الوحيد جي بيهوده گوئي

اظهار خيال

www.drpathan.com Page # 2

·inted and Publised by Kazi MahumedHashim
(Mukhulis) S/o Hafiz Hamed
the „MUSSALMAN,, Printing Press Mirpurkhas

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 3



سنڌ جا مسلمان گهٽ تعليم هجڻ سبب
سياست جي سين بر نہ ٿا ڄاڻن ۽ هنن کي ڪا
خبر بہ نہ آهي تہ سياست ڪهڙي مرغ زرين جو
لو آهي -

ترڪي حڪومت جي ضعف ۽ ڪمزوري
کان اڳهہ هنن کي دنيا جي سياست جي تہ خبر
ڪا نہ هئي پر پنهنجي ملڪ جي طريقہ حڪمراني
جو بہ ڪو علم نہ هو -

جنگ عظيم جي شروع ٿيڻ کان اڳهہ اسلام
تي جا عالمگير مصيبت اچي ڪڙڪي تنهن هنن
جون اوچتو اکيون کولي وڌيون ۽ ڪين هر - پانجاريون
۽ مسجد جا مصلا ڇڏي جلسن ۽ ڪانفرنس ۾
اچڻ پيو ۽ هنن پهريون ئي ڀيرو ڏٺو تہ اسلام
۽ مسلمان جتي ڪٿي يورپ جي حريص ۽

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 4



ظالمن ۽ نا خدا ترس پيٽوڙي حڪومتن جي مظالم جو پوري طرح شڪار ٿي رهيا آهن. ۽ انڪان سواءِ هندستان جي آزادي ۽ سوراج جي لفظن کان به سندن ڪن آشنا ٿيا انوقت به جن ماڻهن کي سنڌ جي عام مسلمان آباديءَ جي جوش خروش ۽ جذبه فدا ڪاري جو ذاتي علم آهي جو تحريڪ خلافت جي زماني ۾ هنن جي طرفان ظاهر ٿيو سي سمجهي سگهن ٿا ته هنن جي سمجهه ۾ اها ڳالهه پوري طرح سان اصل ڪانه ويٺل هئي ته سوراج ۽ هندستان ۽ هندستان جي آزادي ڇا آهي ۽ ڪيئن هندستان جي ري پبلڪ جو نظام قائم ٿيندو.

بلڪ هو هڪڙو انگريزن جي حڪومت جي برخلاف سنڌ ۾ انهن ناروا ڪارروائن جي ڪري عام نفرت ۽ غصه جو جوش هو جيڪي هن اسلامي طاقتن کي برباد ڪرڻ جيلاءِ ڪيون.

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 5



جيڪڏهن خلافت ڪانفرنس ۽ اسلامي مجموعن
۾ **الله اڪبر** جي صدائي همت پرورسان گڏ
**بندي ماترم يا مهاتما گانڌي جي جيءِ**
جا آواز پڌرط ۾ پيي آيا ته انهن جي اندر جو اهو
هڪڙوئي روح ڪارفرما هو ته اهي صدائون انگريزي
عملدارن ۽ حڪومت جي ڪارپردازن کي
ڏکيون لڳن ٿيون تنهن ڪري ضروري آهي ته
پوري زور شور سان بلند ڪيون وڃن- ۽ ڪي
ساده لوح مسلمان ته اهڙا به هئا جنجو خيال هو
ته اهي صدائون ۽ اهي نعرا انگريزي حڪومت
جي بنياد کي لوڏي ڇڏ يندا ۽ هو هتان ٽپڙ کڻي
ڪراچي ۽ بمبئي ڪلڪته ۽ رنگون جي بندرن
کان جهازن ۾ چڙهي نهر سويز ۾ ڏا شتو ڪري ڪانو
ڪا ئيندا وڃي لنڊن ۾ !

هان البت مسلمان جيتوڻيڪ گهٽ تعليم
يافته هئا ۽ آهن ۽ هو دستوري حڪومت جي

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 6



نظام کان بلڪل نا واقف هئا تا هر دنيا ۾ آزاد
۽ سربلند رهڻ ۽ حڪومت ڪرڻ هنن جي مذهبي
۽ قومي خصوصيت آهي
انهين خصوصيت گذشته سو ڏيڍ سال کان
انگريز دنيا ۾ ڪٿي ۽ به شڪست ڪانه کاڌي ته
ڪري قدرتي طرح هندستان جي آزادي ۽
سوراج جي لفظن سان هنن جي دل ۽ دماغ
۾ اسلامي حڪومت جو شايد ڪو هلڪو تصور
آيو هجي ته هجي ورنه بيرسب خير!
مسلمين ته تا جيون ته هندستان جي آزادي سان
گڏ خالص اسلامي حڪومت جو تصور رکيا ۽ وا
آهي پر هي سڀ ڪجهه انهن جي تعليمي کوتاهي
۽ سياست کان ناواقفي جو سبب هو نات حقيقت
لها آهي جا اسان ٻڌائي.

* * *

خلافت ۽ ترڪي حڪومت جي تباهي ۽

www.drpathan.com Page # 7



شريفي شرارت کان ڪڙو اوجهو ته ڪ مسلمانن
جي دلين تي اهي لکو. بدقسمتيءَ سان الهي
ڪالهه بابت انگريزي حڪومت سان صادر ٿي
پوريءَ ڪري مسلمانن جي بلند طبقه پيرن
مشائخن. زميندارن ۽ عالمن کان گهڻا اهڙا
ديهت ۽ حڪومت ماتحو ڪري پيا جن
دنياوي عيش ۽ امن جي مقابلي ايمان ۽ خدا جي
توڪل جي سرمايه کي ٿڏي ڇڏيو ۽ جن به هي
عاقبت اهي ڪالهه سمجهي ته هو اسلام ۽ سنڌس
مقدس حقوق ۽ فرائض کان قطع تعلق ڪري
حڪومت وقت جي دامن سان چنبڙي وڃن
برمي ڪئو الهي اوار هو مشيت [illegible] ٿي
جي ترڪ و دفعو ورڻي اسلام ۽ مسلمانن پنهنجي
گذريل روايتن جي تاريخ کي [illegible] يڪارين
[illegible] ڇي قهرماني طاقتون ۽ لوڪ باروده جي
حڪومت جسمن تي مڃي ٿرڃي باقي مسلمانن

www.drpathan.com Page # 8



جون دليون انهين نا پائدار رعب ۽ هيبت کان
قطعي غير متاثر آهن تنهن ڪري ڪي خدا جا بندا
اٿي کڙا ٿيا جن ڪلمہ حق جي چوڻ ۽ ظاهر ظهور
تي ميدان ۾ اچڻ لاءِ مسلمانن کي دعوت ڏني
۽ هنن سموريءَ تحريڪ جي سر براهي ڪئي
آخر صورت اها پيش آئي جو اهي چند مسلمان
هن تحريڪ ۾ پيش هجڻ جي ڪري مسلمانن
جي نہ رڳو محبت ۽ همدردي جو مرڪز ٿي
پيا پر نا تعليم يافتہ مسلمانن نا واقفيت جي ڪري
پنهنجي سياسي يقين ۽ اعتماد جو قبلو بہ هنن
کي ڪٺي بڻايو نہ فقط ايترو پر هنن جي روڻ ۽
پٽڻ تي لکها روپيہ سندن اڳيان اڇلائي وڌا
جي يا تہ بوڙ پلا هن تي خرچ ٿي ويا يا ڙالن جي
سازمين ۽ سونهري هارن جو ڙائڻ جي حوالي!

* * *

هندوستان جي حڪومت جو چرخو روز

Gul Hayat Institute

بروز ڦرندڙ آهي جيئن ملڪ ۾ توري کهٽي
سجاڳي پيدا ٿيندي وڃي ٿي تئين انگريز بر سمجهندا
وڃن ٿا ته هندستان تي سندن مضبوط گرفت
رهڻ کان جي لاءِ غصو ۽ نفرت جو سبب ٿيندي
وڃي تنهن ڪري هو وقت به وقت جڏهن ته سن ۱۹
ته هندستانين کي ڀچڪار ڏيڻ جي ضرورت
آهي تڏهن ڪجهه نه ڪجهه حڪومت ۾ ڦير ڦار
ڪري منکي حڪومت ۾ وڌيڪ دخل ڏيڻ
جو موقعو ڏيندا وڃن ۽ ممڪن آهي ته انهين
آهسته آهسته انگريزن جي انتظام جي گرفت
سندن خوشيءَ يا ناخوشي سان هندستان تي
سست پوندي وڃي. پر ان ڦير ڦار سان ڪڏهن هندستان
جي باشندن تي حڪومت ۽ سياست جون ذمه
واريون به وڌنديون وڃن

هندستان ۾ گهڻيون نسليون - نسليون قومون
ڪان سواءِ هندو ۽ مسلمان به وڏيون قومون آباد

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 10



آهن جن مان ٻه هندن جو تعداد مسلمانن کان
گهٽ وڌيڪ آهي. هندستان ۾ برٽش حڪومت
جي قائم ٿيڻ کان پوءِ هندو جيڪي اڳيئي
محڪوميءَ ۽ غلاميءَ جي تلخي صدين کان
گوارا ڪري چڪا هئا تن موقعه شناسي ڪري
زماني جي رخ پٽاندڙ پنهنجي ترقي ۽
حالت سڌارڻ جي ڪوشش ڪئي پر مسلمانن
جي سامهون پنهنجي ابتدا تاريخ کان وٺي غلامي
۽ محڪوميءَ جو هي پهريون موقعو هو تنهن ڪري
هو پنهنجي هوش حواس کي بحال رکي
نه سگهيا ۽ ترقي جي ميدان ۾ پنهنجي هم وطنين
کان گهٽجي پوءِ تي رهجي ويا. ۽ موجوده تعليم جا
اڄ ڪلهه جي زندگيءَ لاءِ هڪ لازمي شيءِ آهي
تنهن ۾ خاص طرح هنن جي حيثيت نهايت ئي
ڪمزور رهي ۽ جيئن اسين ڏسي رهيا آهيون
ته تعليمي پستي جي ڪري هو ترقي ۽ واقفيت

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 11



حالات جي هر معرڪي ۾ پسپا ٿيل آهن اهڙيطرح
سياسي زندگي ۽ سياسي علم ۽ دانستـــت ۾ بـــ
هنن جو قدم نهايت پٺ تي پيل آهي ۽ جڏهن تہ
جهالت ۽ بي علمي سيني اخلاقي خوبين ۽ ترقي
جي ڪاميابين جي لاءِ روڪ آهي تنهن ڪري
اوهين حيات اجتماعي جي ڪنهن بہ شاخ کي
وٺو تہ سندائن جي حيثيت نهايت ڪريل ۽ پست
آهي. ۽ در حقيقت اهوئي سبب آهي جو مسلمانن
جو ڪو بہ طبقو اعلي هجي يا ادني برادران وطن
جي هم پايہ نہ آهي.

* * *

مسلمانن جي اها حالت هئي ۽ ٺيڪ اهي
حالت ۾ برٽش سرڪار جي سامهون هندستان
کي سڌارن ڏيڻ جو سوال درپيش ٿيو پنهنجي
حڪومتي مصالح جي نقطہ نظر کان انگريزي پارليمينٽ
ڪميشن مقرر ڪئي تہ هندستان جي حالت

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 12



جاچي رپورٽ ڪري ته هندستانين کي ڪيتري
قدر حڪومت جي ڪاروبار ۾ وڌيڪ دخل ڏنو
وڃي ان ڪميشن ڪم ڪيو، آخرانجو نتيجو موجوده
سڌارن جي صورت ۾ نڪتو، جنهن ڪري
ڪونسل ۾ ماڻهن جي نمائندن کي وڌيڪ جايون
مليون، ۽ ڪي ڪاتا جهڙوڪ ميونسپالٽيون،
لوڪل بورڊن جو ڪاروبار چونڊيل ميمبرن مان
مقرر ڪيل وزير جي هٿ ۾ ڏنو ويو.

هي يقيني ڳالهه آهي ته جيڪڏهن اوچتوئي
اوچتو ڪونسل جي ممبرن جي چونڊن جي
عالمگير مصيبت غريب مسلمانن تي نازل نه
ٿئي ها ته هو شايد قبر ۾ وڃڻ تائين ڪڏهن به سڌارن
جو نالو ڪونه ٻڌن ها ۽ اڄ به اوهين ٻهراڙي ۾
۽ شهرن جي غريب ۽ مزدور طبقه کان پڇي
ڏسو ته هنن کي حڪومت خود اختياري جي
انهي ابتدائي قدمن جي متعلق ڪو ايترو علم

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 13



آهي ته هو اليڪشن جي ڪشمڪش ۾ پنهنجي
چڪ ڏاڍ ڪي ڏسي چڪا. ڏا ته انگريزن ماڻهن
ڪي وزيرهائڻ ۾ ملڪ ڪي برباد ڪرڻ جي لاءِ
هي ڪونسلن جو جهيڙو شروع ڪرايو آهي -
بس اها آهي سياسي ذمہ وارين جي اهميت جا
عام مسلمانن جي نظر ۾ آهي.

بهرحال اهڙين حالتن هيٺ سيڪنهن انهي
قومي جماعت ۾ قومي اخبار جو فرض هو ته هو
مسلمانن کي سندن پولٽيڪل زندگي، سياسي
حيثيت ۾ ان سلسلہ ۾ اهم ذمہ وارين کان
واقف ڪري ها.

اسين ته چئون ٿا ته اج به جيتو ٺيڪ
سڌارن کي ملي ورهه ٿي ويا آهن تڏهن به مسلمانن
کي سياست جا ابتدائي حرف هجي ڪري
پڙهائڻ جي ضرورت آهي.

* * *

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 14



ڇيو وڃي ته خلافت ڪميٽيون مسلمانن
جي قومي زندگي جون رهنما آهن ۽ ڇيو وڃي
ته الوحيد اخبار سنڌ ۾ قومي روح ڦوڪڻ
واري آهي پر اسين پڇون ٿا ۽ سڀ ڪنهن
مسلمان کي پڇڻ جو حق آهي ته هن مسلمانن جي
انهي سياسي ناواقفيت جي دور ڪرڻ لاءِ
ڪهڙي ڪوشش ڪئي آهي.

اسين مٿي چٽي چڪا آهيون ته تحريڪ
خلافت ۾ ڪن افراد جي پيش قدمي جي ڪري
غريب ۽ ابوجهه ۽ سياسي پيچيدگين کان
ناواقف مسلمانن کي هرو ڀرو پولٽيڪل رهنما
ڪٿي بنايو - يا هيٺين چڙهن ته ڪين پيچ پڏي
مهري ڪيو ويو - پوءِ هنن برعوام الناس جي جهاليت
۽ لاعلميءَ جو فائدو وٺي پاڻ کي سياسي ليڊرن
جو خانه ساز منصب ڏيئي ڇڏيو حالانڪ تحريڪ
خلافت ۾ حق ڪوئي جي جرات ۽ ايثار ۽ قرباني

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 15



جو جڏ ٻو ڀي شئي آهي جنهن جو اسان سيني کي
قدر آهي. ليڪن سياسي زندگي جي رهنمائي
تدبر ۽ عقل ۽ دانشمندي ي بلڪل ڀي شئي آهي
هرو ڀرو انهين کي ضرور ڪونهي تہ جو شخص
ڪ پيرو يا ڏهہ پيرا جيل جي سزا ڪاٽي آيو
تہ بس هنڪي مسلمانن جي زيست ۽ موت جي
سوال حل ڪرڻ جو پروانو ملي ويو ۽ جتي
ڪٿي چيلهہ تي هٿ رکي انکي اونڌا ابتا لوڏا
ڏيئي چئي تہ آئون جيل ڪاٽي آيو آهيان.
اهڙي حالت ۾ مسلمان بلڪل مجبور آهن
جو پنهنجن دماغن پنهنجن دلين ۽ عقل ۽ حواس
کي معطل ڪري هنن جي پٺيان هلڻ لاء پاڻ
کي ڏل رکن.

هندستان ۾ رهي مسلمانن کي ڪهڙي طرح
پولٽيڪل زندگي گذارڻي آهي ۽ ڪهڙي طرح
۽ ڪيتريقدر پنهنجا حقوق طلب ڪرڻا آهن

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 16



يا محفوظ ڪرڻ آهن اهو سوال اهڙو اهم ۽
نازڪ آهي جنهن تي قوم جي هر فرد کي پنهنجي
سر پنهنجو عقل ۽ دماغ هلائڻ گهرجي- هي مدينه
پاڪ ۽ مڪه شريف جي احترام ۽ اعزاز جي
بچاءَ جو سوال نه آهي جنهنجي لاءِ شيخ عبدالمجيد
صاحب جي حڪم يا مولوي غلام محمد ڀرچونڊي
سائينداد واري يا مولوي دين محمد وفائي
جي فتوي جي ضرورت هجي جنهن تي جيڪڏهن
ڪو مسلمان عمل نه ڪري ته پوءِ ڪافر بڻي
وڃي ۽ مردود بڻيو يا ته ڪهت ۽ ڪهت امن سيائي
ته ضرورتي ويو.

پر اسين ڏسون ٿا ته جڏهن به ڪو اهم سياسي
مسئلو سامهون اچي ٿو ته بجاءِ هنجي جو عام
مسلمانن کي ان جي نتيجن ۽ متعلق ڳالهين کان
واقف ڪجي هنن کي مسئلي جو حسن ۽
قبح سمجهايو وڃي ۽ اهڙي طرح هنن جي دماغن

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 17


کي غور ۽ فڪر جي دعوت ڏيئي سا ڻن به صلاح مشورت ڪئي وئي، ڪيو هئين تو وچي تہ اڄ ڪلھ جون اهي نام نهاد خلافت ڪميٽيون (جنجو سنڌ ۾ هن وقت تہ نالو بہ ڪنهن کي ياد نہ آهي) جي عمارت آهن رڳو ڪن چند بي نام نشان ۽ بي حيثيت - ۽ بيوقار - بوڪڙو پارٽي يا چنڊال چوڪڙي جي ۽ آهن اهي بہ فقط مشق دروغ بافي ۽ دشنام دهي جي لاءِ سي ۽ الوحيد ۽ ان جا خانہ بدوش ڪارپرداز يڪدم خود ساختہ رهنمائي جا خدائي فوجدار تي پنهنجي راءِ انئين ٿا ظاهر ڪن گويا سندن آواز فسون ساز سموري اسلامي آباديءَ جو آواز آهي ۽ جي پنهنجي آواز بي هنگام لاءِ وري صدائي گنبذ جي جواب جا منتظر رهن ٿا - هنن جي انتهائي ڪوشش رهي ٿي تہ مسلمانن کي

Gul Hayat Institute

واقف ڪرڻ جي بدران پاڻ سندن تا
واقفيت جو وجهه ولي ۽ سندن حقيقي
جذبات کي بازيچه اطفال بنائي ڪين اهڙي ٻي
راه روئي جي تعليم ڏين ٿا جيڪا سندن فاسد
۽ جعلسازدماغ اختراع ۽ تجويز ڪئي هجي
جا هڪڙي پاسي اگر بر ساده لوح مسلمانن کي
سڪولن کان خارج ڪري ـ نوڪرين کان ڇڏائي
جيلن ۾ موڪلي آخر افغانستان جهڙي سخت
ملڪ ۾ ڪين نوڪرون ڪارائي ورطه تباهي
۾ وجهي ڇڏي ۽ ٻي پاسي سندن لاءِ عيش
۽ راحت جا نوان باب کولي حرام جي مال
ڪاڻ تي ڪين هيرائي ڇڪي جنهن ڪري اڄ
اهي ترياقا ياد ڪري سنڌ ۾ نئين محشرستان
مچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن

* * *

اجهو هن وقت هندستان جي سامهون سائمن

www.drpathan.com 



ڪميشن جو سوال آهي.

سنڌ جي مسلمانن مان ڪيترائي اهڙا آدمي جنکي سائمن ڪميشن جي فقط نالي ٻڌڻ کان سواءِ ٻي ڪا بہ خبر ڪانہ آهي تہ هو ڪهڙي شئي آهي.

جيئن نمونہ ڪن اخبارن ۽ ٻي سائمن ڪميشن جي بر خلاف شور ۽ واويلا شروع ڪئي آهي تنهن مان ڪيترا اهڙا مسلمان تہ اٿئين سمجهندا تہ هي ڪا عام ملڪ ۽ خاص طرح مخلوطين (خلافتين) جي متان اهڙي آفت اچي رهي آهي جو اهڙي آفت انوقت بہ پيش ڪا نہ آئي جڏهن خليفة المسلمين جي زندگي ۽ اقتدار قسطنطنيہ اتحادي فوجن جي نرغہ ۾ محصور ٿي ۽ ملعون يونان مظلوم ترڪن تي خدا جي زمين تنگ ڪري ڇڏي هئي.

هن وقت مسلمانن جي روزانہ خلافتي يا

www.drpathan.com Page # 20



- مخلوطي اخبار الوحيد اهڙيطرح ماتم ڪيو آهي جو ڇاڪاڻ اچ شريف مڪہ ترڪن سان بغاوت ڪري حجاز جو امن ۽ انتظام انگريزن جي حوالہ ڪري رهيو آهي جنهن جي برخلاف نفرت ۽ حقارت جو اظهار هر مسلمان تي شرعا فرض ٿي ويو ۽ جيڪو بہ مسلمان هنن جي مرڪ پد رواري ماتمي صف ۾ گوڏا اوندا ڪري ساڻن گڏ بہ چارپاڻ ڪرے ٿو پاڙي سو غدار بہ آهي قوم فروش بہ آهي اسلام ڪش بہ آهي ۽ نالائق بہ آهي -

هندستان جي باشندن جي طلب ۽ پڪار هئي تہ اسين مڪمل آزادي جي ملڪ جا حقدار آهيون ۽ ملڪ جي جوڙجڪ ۾ اسان کي انگريزن جي مداخلت جي ڪا ضرورت نہ آهي ملڪ اسانجو آهي ۽ حڪومت جي انتظام جو حق اسان کي ٿي ملڻ گهرجي -

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 21

P.5797
28.1.88


دوڙانهن اکين سڌارن وقت برٽش پارليمنٽ هندستانين سان [illegible] ڏهن سالن کان پوءِ وري اچي ڏسبو ته موجوده سڌارا ڪيتريقدر ڪامياب ٿيا ۽ ملڪ جي لاءِ مفيد ثابت ٿيا آهن آخر انهين جاچ لاءِ بادشاه سلامت هڪڙي جماعت موڪلي آهي جنهنجو چيرمن سرجان سائمن آهي انهين ڪري هن جماعت کي سائمن ڪميشن چيو وڃي ٿو -

جيڪڏهن درحقيقت برٽش پارليمنٽ جي نيت ٺيڪ هجي ها ۽ سندس سچ پچ اها خواهش هجي ها ته هندستانين سان ڪجهه نرمي ڪئي وڃي ۽ کين پنهنجي ملڪ ۾ وڌيڪ حق حقوق ڏنا وڃن ۽ اهڙي طرح صحيح معنيٰ ۾ هندستان تي انگريزي شڪنجي کي ڍرو ڪيو وڃي ته يقينا هن تي فرض هو ته هو هڪڙي اهڙي

Gul Hayat Institute

ڪميشن تي جيڪا هندستان جي باشندن جي
فيصلہ ڪرڻ لاءِ مقرر ڪئي ويئي آهي ڪنهن
نہ ڪنهن هندستانيءَ کي اوس مقرر ڪري ها
جيڪڏهن انتها پسند ليڊرن سان سرڪار
کي خدا واسطي دشمني آهي تہ ڪٺي انهن مان
ڪنهن کي بہ مقرر نہ ڪري پر اهڙا نرم خيال
جا بہ ڪيترا هندستاني هئا جن جي راين ۽
تجويزن کان انگريز سرڪار کي چڙ ڪرڻ لاءِ
ڪو سبب ڪو نہ هو- پر دراصل برٽش
پارليمنٽ ۽ وزيرن هندستان جي عام راءِ کي
بي حقيقت سمجهي ڇاڏي واڻي ملڪ جي
توهين ۽ تحقير ڪئي-

قدرتي طرح انهين توهين ۽ بي عزتي جي
برخلاف هندستان جي سيني گرم ، نرم سياسي
جماعتن زور شور سان آواز بلند ڪيو ۽ اُن
ڪري سرڪار لاچارتي اگرچہ پنهنجي هٺ

www.drpathan.com Page # 23



ڪان هيٺ ڪين لهي تامرڪزي مجلس جي ميمبرن مان سائمن ڪميشن سان گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ هڪڙي ڪميٽي منتخب ڪئي ۽ اهڙي طرح صوبن جي مجلسن ڪي به ڪميٽي چونڊي هنن سان گڏجي ڪم ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويو. ڏڪڻ به ڪيترين اهڙين ڳالهين آهن جنهن ۾ هند ستانسي ڪميٽين جا حق حقوق ۽ وظائف سائمن ڪميشن ڪان گهٽون گهٽ آهن تنهن ڪري جيعو ٺيڪ ڪي نرم سياسي ڌرين سرڪار جي انهين اشڪ شوئي تي راضي يا نيم راضي ٿي ويون پر اهڙا ڌي جماعت ۽ ڪرم ڌر آخرين فيصلو ڪيو تہ هو سائمن ڪميشن ڪي بائيڪاٽ ڪري ڇڏيندا.

انهين ۾ شڪ ڪونهي تہ ملڪي عزت ۽ قومي خودداري جي نقطہ نظر ڪان اهو فيصلو ۽ تجويز

www.drpathan.com Page # 24



مبارڪ شي آهي پر مشڪل هي آهي تہ اهڙي ڪنهن بہ تجويز ڏسي تہ هن ڪاميابيءَ سان عمل ۾ اچي سگهي ٿو جو هن هندستان جون مختلف قومون اهڙين گرين ۽ ڏمر وارن رکي جي تحريڪن ۾ حصو وٺڻ لاءِ ڪامل اتفاق ۽ اتحاد ۽ پوريءَ هم آهنگيءَ ۽ يڪرنگيءَ سان تيار هجن -

هندستان جي موجوده حالت کي ڏسجي ٿو تہ مسلمان جهڙي قدر بہ نهايت ڪشاده دلي ۽ فياضيءَ سان پنهنجن وارجهي ڌڻين ڪنان بہ ڪهڻ وٺڻ ۾ ۽ اهڙيءَ طرح برادران وطن سان رعايت ڪرڻ لاءِ تيار آهن ۽ تيئن ٻئي پر تہ هن بہ ڪجهہ هندو دنيا ۾ اهڙي هوا لڳي رهي آهي جو هو پوري بي انصافي ۽ خيره چشميءَ سان مسلمانن کي تباه ۽ برباد ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا ويٺا آهن ۽ روز بروز نوان گهات گهڙي رهيا آهن :

www.drpathan.com Page # 25



ان ڪري پنهين قومن جي باهمي اتحاد
جون اميدون ٻو ڏچڻ بدران پاڻ روز بروز
گھٽبيون وڃن ٿيون. اهڙي حالت ۾ جڏهين قومن
جي دلين ۾ کوٽ آهي ۽ پاڻ ۾ ڪا مشتي ۽
ٻڏي جو نشان بہ ڪونهي ۽ اهڙي حالت حڪومت
۽ ان جي ڪارپردازن ڪان اصل ڳھجھي
ڪانهي تڏهن ٻازاري چوڪرا ۽ بي حيثيت
ماڻهو ڪٺا ڪري سائمن ڪميشن جي برخلاف
هل هنگامو جي نمايش ڪرڻ بلڪل
چوڪرائپي ۽ هلڪائي آهي.

انکان سواءِ بهرحال سائمن ڪميشن جو
بائيڪاٽ ڪيو وڃي يا ان جي استقبال ۾
ڪارا جهنڊا ۽ ماتمي سرگس ڪڍيا وڃن
تڏهن بہ گورنمنٽ پنهنجي اثر ۽ قوت هيٺ
هنن کي گشت ڪرائي پنهنجو ڪم ڪرائي
رهي آهي. ۽ الوحيد يا شيخ عبدالمجيد يا

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 26



سندن هر خيال ماڻهوءَ اخبارون ڪٺي ڪيترو ٻه محشر مچائيندا تڏهن برسائمن ڪميشن پنهنجو ڪم ضرور پورو ڪندي ۽ انجو جيڪو به نتيجو نڪرڻو هوندو سو اوس نڪرندو.

موجوده حالتن تي نظر ڪندي اسان کي ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي ته ڪميشن کي بائيڪاٽ ڪرڻ وارن وٽ ورهن تائين ڪي اڃا اسباب ميسر ٿي سگهن ٿا جنهنجي ذريعه هو سائمن ڪميشن جي رپورٽ کي ريتي سگهن ته اهڙي حالت ۾ ضروري آهي ته سنجيدگي ۽ دور انديشي سان هن سموري ڳالهه تي غور ڪيو وڃي.

اسين هرجاءِ تي ڏسي رهيا آهيون ته هندو پنهنجي پوري قوت ۽ سازسامان سان پنهنجي حقوق ۽ مطالبات ۽ قومي ضرورتن جي پيش ڪرڻ سان گڏ هر دم مسلمانن جي بربادي ۽ حق تلفي لاءِ سامان گڏ ڪري بطور شاهدين

Gul Hayat Institute

جي ڪميشن اڳيان پيش ڪري رهيا آهن ۽ اهو تماشو
به ڪنهن کان ڳجهو ڪو نهي ته هر صوبه ۾ هندن
جون ٻه پارٽيون ٿي ويون آهن جنهن مان هڪ ڪري
جيڪڏهن سائمن ڪميشن جي ڊائيڪاٽ لاءِ
سرگرم آهي ته ٻي وري رات ڏينهن شاهدين
۽ بيانن گڏ ڪرڻ ۾ مصروف آهي. ۽ اهڙيطرح
هن زمانه شناس قوم کم تقسيم ڪري ڇڏيو
آهي ۽ هو پنهنجي قومي تعمير جي ڪنهن به شاخ
۾ سستي ۽ غفلت نه ٿا ڪن.

اجهو پري چوٿا وچو اسين پنهنجي سنڌ
جي هندو قومي ڪم ڪندڙن جي حالت ڏسون
ٿا ته صفا معلوم پيو ٿئي ته اهي ماڻهو جيڪي
ٻاهران سائمن ڪميٽي جي بائيڪاٽ لاءِ
بيحد سرگرم ۽ ڪوشان آهن سي راتيون ڏاڪي
مسلمانن جي برخلاف بيان رٿي الڳ اکر ڏاهي
گڏ ڪري پنهنجن انهن پائي بندن جي مدد

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 28



ڪري رهيا آهن جيڪي سائمن ڪميشن جي
اڳيان شاھديون ڏيڻ لاءِ تيار آهن.
اسين غريب ۽ اوڇهه ۽ سياسي لچاين ۽
چالبازين کان بي خبر مسلمانن کان ٿا پڇون
ته جيڪڏهن مسلمان چند سياسي ڏيڏرن جي
شور ۽ شغب ۽ ترڪان متا ٿرتي سائمن ڪميشن
کي بائيڪاٽ ڪري گهر ۾ ويهي رهن ۽ هندو
وجي هر طرح جي ڪوشش ڪري سائمن ڪميشن
جا مسلمانن جي حقوق ۽ مطالبن جي برخلاف
ڪن پرين ته ڇا هن جو لازمي نتيجه اهو نه
نڪرندو جو هو هڪ طرفي ڳالهه ٻڌي انتي لاچار
ڪٽي ڇني ڏيندا ۽ انجو نتيجه مسلمانن جي حق
۾ ڪيترو نه خطرناڪ نڪري سگهي ٿو.
اسان کي ٻڌايو وڃي ته جيڪڏهن هندستان
۽ سنڌ جا مسلمان پنهنجو طرف نه ٻڌائن ۽ اهڙي
طرح ڪميشن نا واقفيت جي حالت ۾ مسلمانن

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 29



جي تقاضائن جي برخلاف ڪو فيصلو ڪٽي ڪري.
تہ هن ۾ ڪميشن ۽ سرڪار جو ڪهڙو ڏوهہ ليکبو
پوءِ شيخ عبدالمجيد ۽ ان جا حمايتي سواءِ
انهيءَ جو جلسن جي پليٽ فارم تي ويهي سرڪار
کي گاريون ڏين ۽ ڪف وهائن ٻيو ڇا ڪري
سگهندا. ۽ هنن کي مسلمانن جي هن عام تباهي
مان ڪهڙو سيڪ ايندو.

پر انهي سڀني ڳالهين هوندي بہ اسان خيال
ڪيو تہ شيخ عبدالمجيد ۽ انهي معصوم ذريات
جيڪڏهن سائمن ڪميشن جي برخلاف انهن بيهوده
حرڪتن ڪرڻ کي پنهنجي قومي عزت ۽ آزاد
خيالي ۽ حريت جو اعلان سمجهن ٿا تہ بهرحال
هو پنهنجي برن يا ڀلن خيالات جا پاڻ ذمہ وار
آهن. انهي ڪري باوجود سخت اختلافن هوندي
بہ ڪڏهن مٿن لعنت ملامت جو وسڪارو ڪونہ
ڪيو ڇو تہ اسانجو ايمان آهي تہ سياسي اختلافن

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 30



جو نتيجو باهم دشنام بازي يا دست بگريبان
ٿا ۽ پڇڙ نه کھرجي.

اڄ وائو هان جي اڪيان سنڌ جي سيني
هند و اخبارن جا دفتر موجود آهن. اتلائي ڏسو
ته انهن ۾ ڪنهه به انهين هندو ليڊر ۽ نمائنده
جي برخلاف ڪارڪند يا هتڪ آميزلفظ نه ڏسندا
جيڪي سائمن ڪميشن جي اڪثا شاهد يون
ڏيڙ و يا يا اڪي تيار هئا. ڇو جو هو عقلمند ۽
با تدبير ماڻھن جي هٿ ۾ آهن ۽ الوحيد وانگر
ڪم ظرف ۽ ٻوڪڙو ڇوڪرن جي جماعت هنن
۾ برسر اقتدار نه آهي.

هنن پهرين ڏينهن کان سمجهيو ته سائمن
ڪميشن ڪي هزار پيرا بائيڪاٽ ڪيو وڃي جنهن
مان هنن جي ڪم ۽ رتن تي ڪو اثر ڪونه
پوندو تنه ڪري ڪميشن جي سامهون بائيڪاٽ
۽ قطع تعلق جي نيش سان گڏ تعاون ۽ استعمال

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 31



جو نوش به گڏ هجي هنن وٽ نه مسٽر چهلاڻي
فدا ر آهي نه هرچند راءِ ٺهتوي آهي نه مسٽر
هيرا نند کيمر سنگه آهي نه ڀيو ڪو آهي جنهن کي
قوم فروش چون

مگر افسوس ته سنڌ جي واحد اسلامي روزانه
اخبار ۽ سنڌ س بر غلط مڪي شيخ عبدالمجيد
جن جو رکيو ا هو خيال آهي ته سنڌ جا مسلمان
اڪيون پوري رکيو سندن نقش قدم تي هلن سي
پنهنجي ليڊريءَ جي تڙ عقل ۽ هوش ۽ برد باري
۽ تحمل ۽ سيڪان وڌيڪ انسانيت ۽ اشرافت
جي متاع کي جواب ڏيو ويٺا آهن ۽ ڪنهن
به طرح ڪنهن سياسي اختلاف کي برداشت
ڪرڻ جي سندن گرم دماغ کي طاقت ڪانهي
۽ هنن وٽ صحيح يا غلط جيڪو شخص به سائمن
ڪميشن جي اڳيان شاهدي ڏي يا اهڙي شاهدي
ڏيڻ کي قومي دورانديشي ۽ مفاد جي لحاظ

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com 



سان جائز سمجهي يا کهت ۽ کهت سندن انهيءَ
شور ۽ وا ويلا کي اجائي حرڪت سمجهي خاموش
رهي ته اهو يقينا غدار به آهي قوم فروش به آهي
۽ الوحيد کي ڪوٺي تي چڙهي هننکي گاريون ڏيڻ
۽ ڪو شرم به ڪونه ٿو اچي.

جناب سيٺ حاجي عبدالله هارون جنهن
هميشه شيخ عبدالمجيد جون جائز نا جائز برداريون
سٺيون ماهيا نه مقرر ڪري هنجو پيٽ پريو.
مفت رهڻ لاءِ جايون هن ڏنيون. ٻاهرين سفر
لاءِ سون جي تعداد ۽ ڪرايو هن ڏنو - مطلب
جاهلت هڪ شريف انسان هڪ بکئي ۽ بي
روزگار ۽ قوت لايموت جي محتاج لاءِ ضروري
هئي سا سڀ سيٺ صاحب ڪئي.
الوحيد جي ڏڪاءِ زندگيءَ لاءِ جي اول امدادون
سيٺ صاحب ڏنيون انلاءِ جلسن جا پنڊال
گواهيون ڏيئي رهيا. آهن جني نهايت ايمانداريءَ

www.drpathan.com Page # 33



سان ڇيو ويو ته جيڪڏهن سيٺ صاحب جو
وجود ئي جو ڪم ڪجي ها ته هن ڪان اڳ الوحيد جو
خاتمو بالخير ٿي وڃي ها.

اڄ انهيءَ سيٺ صاحب جي جنهن نظر سان
شيخ صاحب ۽ الوحيد ڏسي ٿي انهيءَ کان وڌيڪ
پي ڪري تصديق ٿيندي ته ڪو به اهڙو گندو
لفظ پڻ ٿي بچيل نه آهي جو هن جي لاءِ ڪم
نه تو آندو وڃي. جنهنجي بي معنيٰ هي آهي ته
سيٺ صاحب جيڪي زهري ناڳ بغل ۾ پاليا
۽ جيڪو کير هن کي پياريو ويو انجو عيوض
اهو ئي ملي رهيو آهي جو دنيا ڏسي رهي آهي
ته هنکي ڪليل طرح بيعزت ڪيو وڃي ٿو هنکي نمڪ
حلالي ڇٽجي يا نمڪ .... ! يا نمڪ کائي نمڪدان تو ڙ ط
خان بهادر پٺڙ - مسٽر کهڙو - مسٽر نور محمد
وڪيل - سيد ميران محمد شاهه ۽ ٻيا سپئي اهي
بزرگ جن سياسي دورانديشي ۽ عاقبت بيني

www.drpathan.com Page # 34



جي ڪري ڪنهن نه ڪنهن طرح بسان سائمن
ڪميشن سان تعلق رکيو تن مان هرهڪ تي
خلافت جي نام نهاد پارٽي ڏمريل آهي
۽ هنن شريف بزرگن کي اسمي ڳاريون ڏنيون
وڃن ٿيون ۽ هنن جو ڏوهه رکيو اهو آهي جو هو
انهيءَ ناعاقبت انديشانه ۽ طفلانه حماقتن ۾ شريڪ
نه ٿيا جي انهن خلافتين احمقن کان سائمن
ڪميشن جي آمد جي موقعه تي ظاهر ٿيون ۽
هنن مان ڪن بزرگن زمانه شناس هندن جي
طرز عمل کي ڏسي مسلمانن جي حقوق جي
وڪالت ڪئي ۽ اهڙي طرح هندن جي يڪ
طرفه شرارتن کي پنهنجن ڪوششن سان
پنجو ڏنو.

بهر حال الوحيد ۽ سنڌ ۾ ڪارپردازن جي
موجوده بوالهوسٽي. حجامت سازي. ترڪ طبازيءَ
۽ پريشان دماغي کي ڏسي منجهن تدبر ۽ دانشمندي

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 35



۽ اصلاح خيالات جي ھلڪي توقع نہ فقط فضول
آھي پر ھيجڙن ۽ پٽن چٽڻ جي اميد جي مترادف
آھي-

خداوند ڪريم کان دعا آھي تہ ھنن جي
مذموم حالت تي رحم ڪري. البت مسلمانن
کي اسين چتايون ٿا تہ ھنن جي سامھون روز
بروز نوان ۽ نازڪ سياسي سوال ايندا وڃن
ٿا ۽ ضروري آھي تہ ھرھڪ مسئلہ کي نھايت غور
سان جانچي پنھنجي راءِ قائم ڪن ۽ پنھنجي
نفع نقصان پنھنجي سر سمجھڻ جي ڪوشش
ڪن. انھيءَ نہ ٿيڻ گھرجي جو مسلمان پنھنجو

Gul Hayat Institute

دل ۽ دماغ ۽ جذبات ۽ خيالات سڀ ڪجھ
انھي ماڻھو جي حوالہ ڪري ڇڏين جنھن جي
نڙيءَ ۾ گھٽي ڳالھائڻ ۽ ڪوڙ ڪرڻ جي طاقت
ھجي يا ھنکي شريفن کي ناسزا گارين ڏيڻ ۽
پڳڙين اڇلائڻ ۾ ڪمال حاصل ھجي ۽

جنهن جا ڪراما ڪ[illegible]ٽين يا سالوسيٽر مير الله بخش

۽ وڪائي جهڙا حق[illegible]دا تا ۾ هجن.



مسلمان پريس ميرپور خاص ۾ ڇپيو